# ٻارن لاء بائبل
## تحفو

# نيڪ سامري



لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: M. Maillot; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.





"استاد! دائمي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" اهو ماڻهو جنهن سوال ڪيو اهو هڪڙو شريعت جو عالم هو، جيڪو يسوع کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. "خُدا جو قانون ڇا ٿو چوي؟" يسوع جواب ڏنو.


"خُدا ۽ پنهنجي پاڙيسري سان پيار
ڪريو،" ماڻهو چيو. "پر منهنجو
پاڙيسري ڪير آهي؟" هن پڇيو.
3


انسان جي سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ، يسوع هڪ شخص جي
باري ۾ هڪ ڪهاڻي ٻڌاي جيڪو يروشلم کان يريحو
تائين رستي تي سفر ڪري
رهيو هو. مڙس تي
چورن حملو ڪيو.
4


چور سڀ ڪجهه ڦُرُ ڪري ويا جيڪا به ملي سگهيون
ٿي، ايستائين جو بدقسمت مسافر جا ڪپڙا به لاهي
ڪٽي ويا. هنن کيس سخت زخمي پڻ ڪيو،
جنهن ڪري کيس روڊ
جي پاسي ۾ ئي اڌ مئو
ڪري ڇڏي هليا ويا.
5


هاڻي اتفاق سان هڪڙو ڪاهن هُتان مٿيو.
هو زخمي ماڻهوءَ جي ضرور مدد
ڪندو. نه! جڏهن هن ماڻهوءَ
کي رت
وهيندي ڏٺو ته هو
رستي جي ٻئي پاسي
کان لنگهي ويو.
6


جلد ئي پيرن جي آواز هڪ ٻئي شخص جي اچڻ جو
اعلان ڪيو. هو هڪ لاوي هو، جيڪو هيڪل ۾
ڪاهنن جي مدد ڪندو هو. هن بيهي هن زخمي
ماڻهوءَ کي ڏٺو، پوءِ بغير
ڪنهن مدد جي هليو ويو.
7


آخر هڪ سامري ماڻهو اچي ڳڏ ٿيو. يهودي
ماڻهو سامرين کان نفرت ڪندا هئا. يسوع جي
ڪهاڻي ۾ٻڌندڙ ماڻهو سامري جي هيرو
ٿيڻ جي اميد نه
ڪندا هئا. پر هُن سامري پرواهه
ڪئي، ۽ مدد ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.
8


سامري ڳوڙها ڪوڙي، اجنبي
جي زخمن تي نرميءَ سان
دوا ۽ پٽيون لڳايون. پوءِ
هن زخمي ماڻهوءَ کي
پنهنجي گڏهه تي سوار
ڪري مدد ڪئي.
9
رستي جي هڪ سرائي ۾، سامري سڄي
رات ان شخص جو
خيال رکيو.
10
صبح جو هن سرائي جي مالڪ کي پئسا
ڏنا ته هو هن مسافر جي سنڀال ڪري
جيستائين هو ڀيهر
ٺيڪ نه ٿي وڃي.
11
کھاڻي ختم ٿي وئي. يسوع پڇيو تہ
"زخمي ماڻهوءَ جو پاڙيسري ڪير هو؟"
12
شريعت جي عالمن  جواب ڏنو
ته سندس پاڙيسري سامري هو
جنهن هُن تي رحم ڪيو.
13
"وڃ، ۽ تون به ائين
ئين ڪر،" يسوع چيو.
پاڙيسري ڪنهن کي
ضرورت ۾ آهي. اسان
ضرورتمند ماڻهن جي
مدد ڪندي محبت
ڏيکاري سگهون ٿا.
اهو خُدا کي راضي
ڪري ٿو.
14

نيڪ سامري

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

لوقا 10

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

15




46

60

16

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيڪاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اچ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

17